رب ڏنو (راز) شاهاڻي

# مرزا قليچ بيگ جي شاعريءَ تي هڪ نظر

***Abstract:***

**An Analysis of Poetry of Kalich Beg Mirza**

*Kalich Beg Mirza (1853-1929), is one of the beginning writer & Scholar, which played significant role in the maintaining of Sindhi literature. Initially he was translating the many books written in various languages in to Sindhi. They include child literature, woman literature, novel, drama etc. After this he performed research on history of Sindh, Sindhi language and its grammar, which is his highly appreciable contribution for the promotion of language and literature. He wrote at least 488 books on different topics, which is large number of published books in both cases creation and translation.*

*The poetic work of Kalich Beg Mirza is also very special significance in Sindhi literature, which spreads on many published books consist of Poems, Gazal, Rubai etc. in this article I will analysis his poetry from the different aspects in the light of the opinion of the experts.*

مرزا قليچ بيگ ( 1929 1853-) سنڌي ٻوليءَ جو ٻُلند پايه اديب، جنهن علم ۽ ادب جي وڏي خدمت ڪئي آهي. هُن تحقيق، ترجمي، طبعزاد، مذهبيات، ٻاراڻي ادب، ناول ۽ شاعريءَ جي شعبن ۾ وڏو علمي خزانو سنڌي ادب ۾ داخل ڪيو. اُن سان هڪ ته ادبي مواد جي کوٽ پُوري ٿي ٻيو لکڻ جو لاڙو وڌيو. سنڌي ادب جي شروعاتي دؤر ۾ مرزا صاحب جي ڪم ڇڻ source of inspiration جو سبب مُهيا ڪيو. مرزا قليچ بيگ جو ادبي ڪم تمام گهڻو آهي، پر اسان هِن مضمون ۾ سندس چيل شعر کي پنهنجو موضوع بڻايو آهي، تنهنڪري ڀاڱ فقط سندس شاعريءَ تي بحث ڪندي، مثال پيش ڪنداسين.

مرزا قليچ بيگ جا، شعري ادب ۾ جيڪي ڪتاب ڇپيل يا ترتيب ڏنل آهن، تن ۾ ديوان قليچ، سوداءِ خام، غزليات، موتين جي دٻلي، چندن هار، گلدسته قليچ، رباعيات عمر خيام، املهه ماڻڪ، عجيب جواهر، ڪشف الاعجاز، شعر جو شرف ۽ بيان،

ڪافيون (ترجمو ۽ طبعزاد) شامل آهن. شاعريءَ جي صنفن ۾ وري هُن غزل، رباعي، نظم، قطعا ۽ ڪافي جي صنفن ۾ خوب لکيو. سندس شاعريءَ ۾ فلسفي جا گهرا فِڪري ۽ عاشقاڻا نه ته به اصلاحي ۽ اخلاقي اعتبار کان ڪمال جا خيال ملن ٿا. زمان ۽ زمان شناسي هُن جو پسنديده موضوع رهيو، تنهنڪري سندس شاعريءَ ۾ جڳهه جڳهه اخلاص، اخلاق ۽ چڱائيءَ جو بيان اچي ٿو. سندس شعرن جي چونڊ ۽ اُن تي بحث ڪرڻ کان اڳ نصير مرزا جي راءِ نقل ڪنداسين، جنهن ۾ هُو سندس ڪلام جي مجموعي اُپٽار ڪندي لکي ٿو ته:

> ”مرزا صاحب وٽ مجموعي طرح سان پنهنجي ڏهه هزار شعرن ۽ 29 شعري مجموعن تي ٻڌل شاعريءَ ۾، نظمن ۽ موضوعن جا وسيع ميدان آهن، ۽ جيتوڻيڪ اُن مان اڪثر شاعريءَ تي اخلاقيات جي ڇاپ آهي ۽ اُها دل جي پاشا ۾ گهٽ لکيل آهي، جو اُن لاءِ هن وٽ بهرحال شاعريءَ جي حوالي سان خالص پنهنجا اصول هئا. ۽ انهن مطابق مرزا صاحب جي آڏو، شعر صرف حُسن جي تخليق جو نالو نه هو ۽ نه ئي پاڻ شعر مان فقط حِظ حاصل ڪرڻ جا قائل هئا، سندن نزديڪ شعر کي زندگيءَ جو ترجمان ۽ ڪنهن اهڙي صحت مند پيغام جو حامل هجڻ گهرجي، جنهن مان بني نوع انسان کي فائدو پهچندو هجي، جنهن ۾ قوم ۽ ملت جي اخلاق جي تعمير ٿيندي هجي.“[1]

مرزا قليچ بيگ شاعريءَ جي ٻين صنفن جي ڀيٽ ۾ غزل ۽ رباعيون جهجهي تعداد ۾ چيون، تنهنڪري اول اِهو ڏسون ته محقق هُن جي غزل ۽ رباعين بابت ڪهڙي راءِ رکن ٿا. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو سندس غزل جي لاءِ لکي ٿو ته:

> ”غزل ۾ هُو سانگي - سنگت جو شاعر هو. هن سنگت ۾ گدا، سانگي، حامد، ماتم مرتضائي ۽ مخلص اهم شاعر آهن. جناب امام علي قاضي ۽

ٻين جي اوطاقن تي طرحي مشاعرن جون محفلون هنن شاعرن جي عظمت جي ساک پرين ٿيون. ديوان قليچ ۾ مرزا صاحب غزل جي عشقيه انداز ۽ حسن جي حديث کي قائم رکيو آهي. سندس غزل جي شاعريءَ کي سندس قابل فرزند اجمل بيگ ٽن دورن ۾ ورهايو آهي. اجمل بيگ لکي ٿو: ننڍپڻ ۽ جوانيءَ ۾ پاڻ عام شاعرن وانگي رسمي موضوعن تي طبع آزمائي ڪندو هو. ٻئي دور ۾ علمي، ادبي، اصلاحي، فلسفيانه، حڪيمانه ۽ صوفيانه خيالات سندس شاعريءَ ۾ جاءِ پذير ٿيا. ٽئين دور ۾ سندس اڳيان هڪ وسيع ڪائنات هئي.“[2]

مرزا ڪاظم رضا بيگ، قليچ بيگ جي رباعيءَ جي باري ۾ پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندي لکي ٿو ته:

”مرزا قليچ بيگ جي رباعين جي سڀ کان وڏي خاصيت سادگي ۽ سلاست آهي. خيالات سلجهيل، طرز بيان ايترو سادو ۽ بي تڪلف آهي، جو معمولي سمجهه جو انسان به سمجهي سگهي ٿو. قليچ بيگ جي رباعين ۾ عمر خيام جي مستي ۽ سرمد جو جذبو ڳولڻ جي بي سود ڪوشش نه ڪرڻ گهرجي. مرزا قليچ بيگ جون رباعيون خالص اخلاقي ۽ ناصحانه آهن. اخلاقي ۽ ناصحانه اشعار تڪلف ۽ مبالغي کان پاڪ هوندا آهن ۽ انهن ۾ سادگي نظر ايندي آهي. مون کي اميد آهي ته غور ۽ فڪر ڪرڻ وارا دماغ يقينن انهن کي پڙهي متاثر ٿيندا. نيڪي ۽ چڱائيءَ جا جذبا رکندڙ انهن جو قدر ڪندا. جيڪڏهن انسانيت ۽ اخلاق ڪجهه وزن رکن ٿا ته قليچ بيگ جي انهن رباعين جو قدر ٿيڻ گهرجي. قليچ بيگ جي رباعين کي پڙهڻ کان پوءِ محسوس ٿو ٿئي ته شاعر دل مان نڪتل ڳالهيون چئي رهيو آهي ۽ سڄي ڪائنات کي اخلاق ۽

نيڪيءَ سان پُر ڪرڻ ٿو گهري.“[3]

مٿين راين ۾ مرزا قليچ بيگ جي شعري فڪر جي واضح تصوير ڪشي ٿيل آهي ته هُن گهڻي تعداد ۾ اصلاحي، اخلاقي، نيڪي، حڪيماڻي، سادگي ۽ صوفياڻي فِڪر تي مشتمل ڪلام چيو ۽ شعر ۾ مُبالغي آرائيءَ ڪان ڪم نه ورتو. هِتي صرف اِهو اضافو ڪنداسين ۽ اُن جا مثال به اڳتي هلي ڏبا ته مرزا صاحب جي شعر ۾ رومانوي خيال ۽ عشق ۾ پاڻ ارپڻ وارا جذبا به ڪافي ملن ٿا. بهرحال شاعريءَ ۾ عشق سان پيار محبت جي جذبن جو سُٻنڌ فطري آهي، تنهنڪري لازم امُر آهي ته مرزا قليچ به اهڙن جذبن جو، پنهنجي شاعريءَ ۾ اظهار ڪيو. باقي ذاتي زندگيءَ ۾ هُو ڪفايت ۽ قناعت پسند ۽ شريف النفس انسان هو، جنهن جو ذڪر سندس همعصر پنهنجي لکڻين ۾ يا سندس خاندان وارا ڪن ٿا. ڪنهن کي ايذائڻ سندس مزاج وٽان نه هو. طبعيت جي معصومي ۽ شرافت جو اولڙو سندس شاعريءَ ۾ جڳهه جڳهه نظر اچي ٿو.

تون واڳ ادا نفس مهَوس کي نه ڏي،
ايذا نه ڪنهين به خار ۽ خَس کي نه ڏي،
جي پانئين ته جڳ ۾ پائين سُک ۽ عزت،
بيڪس ڪان نه وٺ ڪي به، ۽ ناڪس کي
نه ڏي.[4]

.......

مون برائي مان ڀلائي پي سدا آهي ڏٺي،
يا الاهي رک تون بدخواهن کي منهنجي
خوش سدا.[5]

.......

واريءَ ڪان به وڏ گناهه جو ڪيا هئا مون،
ويٺس ڪري ڪنڌ هيٺ شرم ۽ ڊپ کون،
آواز ٿيو غيبي ته غم ڪاءُ نه ”قليچ“،
لائق ڪيا پنهنجا تو، اسين پنهنجا ٿا ڪريون.[6]

جيئن مٿي بيان ڪيو ويو آهي ته مرزا قليچ شاعريءَ ۾

غزل، رُباعي، قطعا، نظم، ڪافي ۽ قصيده وغيره لکيا، پر گهڻو هُن غزل، رُباعي، ۽ قطعا چيا ته ٻين صنفن مان مثال ڏيڻ کان اڳ، پهرين غزل ۾ پيش ڪيل سندس خيالن جو جائزو وٺون ٿا ۽ بعد ۾ ٻين صنفن مان به مثال ڏينداسين. غزل ۾ مرزا قليچ بيگ جهڙوڪر خيالن جو آزاداڻو اظهار ڪندي نظر اچي ٿو. غزل جي هڪ لُغوي معنيٰ ”هرڻيءَ جي چال“ به آهي ته مرزا قليچ بيگ به پنهنجي غزل ۾ طرحين طرحين خيالن جو، اُپار لهوار اظهار ڪندي ملي ٿو، جنهن ۾ دين ۽ دُنيا جي فِڪر کان چڱائي ۽ انصاف، اخلاق ۽ اخلاص ۽ ٻيا اصلاحي موضوع شامل آهن، سندس غزل اڄوڪي دور سان ٺهڪندڙ مفهوم رکن ٿا.

ويو اخلاص عالم مان، عجب هيءُ دور
آيو آهه،
ڏجي سڀ خلق ظالم کان، عجب هيءُ
دور آيو آهه،
نه يارن ۾ رهي ياري، نه پائن ۾
وفاداري،
سچائي وئي اُٿي ساري، عجب هيءُ
دور آيو آهه.[7]

.......

چڱائي ۽ انصاف جي ڪِٿ به
يار،
اڄوڪي زماني ۾ ڪانهي پچار،
وڏا اڄ ننڍن جا ٿيا زيردست،
سخي سڀ بخيلن اڳيان ٿيا
خوار.[8]

......

ٿئي جي بخت برگشتو،
وڃي جي بحر ڏي ته بر
ٿي پوي،
خوش هر حال ۾ رهڻ

گهرجي،
متان ان کان به بدتر ٿي
پوي.[9]

مرزا قليچ جي غزل جي، اصلاحي پهلوءَ جي هيءَ ته هڪ جهلڪ نموني طور پيش ڪئي آهي. مٿي ذڪر ٿي چُڪو آهي ته سندس غزل ۾ پيار محبت ۽ عشقيا خيال ۽ جذبا به آهن پر ڇاڪاڻ ته سندس غزل ۾ ناصحاڻي ۽ اصلاحي خيالن وارو پهلو گهڻو حاوي ۽ وزندار آهي، تنهنڪري اُن جي عشقيا جذبن جي ترجمان شعرن کي تمام گهڻو ڌيان هيٺ نه آندو ويو آهي حالانڪه اُهي به ڌيان ڇڪائيندڙ ۽ نوٽ ڪرڻ جهڙا آهن. عشقيا جذبن جي ترجمان سندس غزليا شعرن جا چند مثال:

هجر ۾ دوست جي ڪرين
فرياد،
وصل جي لاءِ عمر وئي برباد،
من پڙهي تنهنجو يار تنهنجو
غزل،
۽ پوين تون ”قليچ“ اُن کي ياد.[10]
مون جڏهن کان چکي چپن جي
چاش،
رهان هر حال ۾ ٿو خوش ۽
بشاش.[11]
.......
اڄ اڱڻ منهنجي لنگهي، محب آيو
منهنجو،
شڪر صد شڪر، ٿيو بخت سوايو
منهنجو،
جنهن جي محبت ۾ لُٽايم دل و دين،
دولت سپ،
سو مليو نيٺ، ٿيو خرچ سجايو
منهنجو.[12]
.......

مُنهنجو محبوب ماهپارو آهه،
سچ، اڳيان جنهن جي شرم وارو
آهه،
جسم نازڪ سچڙ جو سراپا،
حور جان، نُور جو نظارو آهه.[13]

مرزا قليچ بيگ سنڌي رُباعي کي پنهنجي فِڪري انداز ۾ لکيو ۽ اُن ۾ عمده اصلاحي خيال پيش ڪيا. سندس رُباعين جو هڪ پورو مجموعو آهي، جيڪو ”موتين جي دبلي“ جي نالي سان ڇپيل آهي. جنهن زماني ۾ هُن رُباعيون چيون. تنهن زماني ۾ فارسي شاعريءَ ۾ عمر خيام ۽ سرمد ۽ ٻين جي رُباعين جو وڏو ذڪر ۽ اثر هو ۽ رُباعي لکڻ هڪ شاعر پنهنجي لاءِ تمام شانائتو سمجهندو هو. بقول نادر بيگ مرزا ته: ”مرزا قليچ بيگ جون رباعيون خالص اخلاقي ۽ ناصحانا آهن.“ اُن ۾ بِلڪل شڪ نه آهي ته هُن جي رُباعين جي فِڪر ۾ اصلاحي پهلو گهڻو حاوي آهي، جنهن جي ثابتي هيٺ ڏنل رُباعين مان پڻ ملي ٿي.

بادل ٿي بنائي اُپ، سمنڊ ساري
کي،
پاڻي ٿو ڪڪر مٺو ڪري کاري کي.
توبهه جو روئڻ ڪري گناهن کي
ثواب،
برسات اچو ڪري ڪڪر ڪاري
کي.[14]
.......
دنيا مان گهٽئي صاحب اقبال
ويا،
دولت نه وئي ساڻ نه اطفال
ويا،
پهچائي قبر تائين وري آئي خلق،
جي ساڻ ويا، ته يارو اعمال
ويا.[15]
.......

ڏاهو سو جو دير گفتگو ۾ لائي،
ٻک ٻک جو گهٽي ڪري، خطا سو
ڪائي،
مجلس ۾ ادا تون سک ادب حُقي
ڪان،
جيسين نه پڇن اُن ڪي، نٿو
ڳالهائي.[16]

مرزا صاحب جا لکيل اڪثر نظم وري ”عنوانيا نظم“ آهن جهڙوڪ: منهنجي شعر سازيءَ جو هنر، مُنهنجي وقت جو ورهاڱو، منهنجو مذهب، منهنجو ڄمڻ ۽ مرڻ، منهنجي حياتيءَ جون مختلف حالتون، زال ذات بابت راءِ، چاهه جي تعريف وغيره ۽ ٻيا شامل آهن، جيڪي عنوان ڏيئي لکيل آهن يعني هڪڙي نظم کي هڪ موضوع تحت لکيو ويو ۽ اُن موضوع جي گرد گهُمندڙ خيالن جي اُن ۾ اُپٽار ڪئي وئي آهي. نظم اڪثر قصا گوئيءَ جي انداز ۾ لکيل آهن موضوع جي انفراديت اُن ۾ بهرحال غير معمولي دلچسپي پيدا ڪري ٿي جو پڙهندڙ اُن کي ڏسڻ سان ئي، پڙهڻ کان پاڻ روڪي نه ٿو سگهي.

چاهه جي تعريف

چاهه ٿي منهنجو جياپو، چاهه منهنجو
خورد خواب،
چاهه منهنجو عيش عشرت، چاهه ٿي
طاقت ۽ تاب،
چاهه منهنجو ناشتو ۽ چاهه هر وقتي
طعام،
ٽوسٽ ۽ بسڪٽ ڪباب ۽ چاهه ۽ ڪافي
شراب.[17]
.......

منهنجي شعر سازيءَ جو هنر
ڏيان ڏئي منهنجي شعر سازي
ڏس،

سنهڙي ڏاڳي تي ترڪتازي ڏس،
نظم ۾ پوءِ سر بنايان هڪ،
سي ٽا ڳٽجن سپئي املهه ماڻڪ،
ڪڏهن جوڙيان انهن مان "چندن
هار"،
جوهري وڪڻي جو ٿو منجهه بازار،
پيا لڪائي رڪان چڱي دستور،
منهنجي "موتين جي دهلي" ٿي
مشهور.[18]

.......

زال ذات بابت راءِ
زال چاڻي ٿي رنگ ۽ نيرنگ،
صلح چاڻي ڪرڻ، ڪري پڻ
جنگ،
باوفا ٿئي ته هار جي لائق،
بيوفا ٿئي ته مار جي لائق.
يعني جا مڙس جيئن ڏسي ۽
ٻڌي،
ان جي مرضيءَ تي جا سدائين
هلي.[19]

مرزا قليچ بيگ پنهنجي آتم ڪٿا ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو ته:

"سرڪاري نوڪري ۾ نه مون ڪنهن سان خاص دوستي رکي ۽ نه ڪنهن سان خاص دشمني رکي. ائين ڪو به چئي نه سگهندو ته فلاڻي زميندار يا ماڻهوءَ سان فلاڻي جي دوستي آهي، يا فلاڻي سان دشمني آهي. سپني کي درجي آهر مناسب آبرو ڏيندو هئس ۽ چڱي ڪم ڪرڻ لاءِ تحسين ڏيندو هئس، ۽ بيواجبي ڪم ڪرڻ لاءِ شوخي ڏيکاريندو هئس. معافي گهرڻ تي

اڪثر معافي ڏيندو هئس، پر جي ڪنهن خود منهنجي برخلاف ڪجهه چيو يا ڪيو هوندو ته انهي ڪري هُن سان وير رکي نقصان نه پهچايو هوندم. ڪنهن کي گارگند عمر نه ڏنيم، ۽ نڪي چڙ ۾ ڪڏهن اجايو سجايو ڳالهايو هوندم. جي اتفاق سان گهٽي چڙ ۾ ”بدمعاش“ يا ”بيوقوف“ چئي ويٺو هوندس ته پوءِ پشيمان ٿيو هوندس“.[20]

هاڪاري سوچ جي حامل مرزا قليچ بيگ جي شاعريءَ ۾، مٿي نقل ڪيل پئراگراف سان نهڪندڙ معصوم ۽ همدرداڻن جذبن جو اظهار عام جام نظر اچي ٿو. غزل هُجي، رُباعي، نظم، قطعا يا ڪافيون هُو هڪ ڪهنه مشق شاعر ۽ سماج شناس جي حيثيت ۾ پنهنجي شاعريءَ ۾ پاڻ کي مڃرائي ٿو.

نتيجو/اصلاحي اپياس: مٿي مرزا قليچ بيگ جي شاعريءَ مان چند مثال نموني طور ڏنا ويا آهن. سندس ڪلام جا ڇپيل مجموعا اهڙن مثالن سان پُريا پيا آهن، جنهن جو پورو احاطو هِن مختصر مضمون ۾ ممڪن نه هو. اِهو باقاعدي هڪ موضوع آهي، جنهن تي تحقيق ٿيڻ کپي ۽ سندس شعر جي هڪ هڪ، خاص طور اصلاحي پهلوءَ تي تحقيق ڪري، نشانبر ڪرڻ جي ضرورت آهي ته جيئن اُن مان سماجي لاڀ حاصل ٿئي. هِتي هڪ سوال بهرحال اُڀري ٿو ته اهڙو شاندار ڪلام، جيڪو فڪري طور وسيع ۽ بليغ، جنهن جو مضمون (content) واضح ۽ پيغام به اثرائتو، سو خيال جي عمدگي ۽ بيان جي سادگيءَ باوجود به زبان زده نه ٿي سگهي ته ڪهڙو سبب ٿي سگهي ٿو؟ جواب ۾ ايترو چئبو ته شايد مرزا صاحب جي ڇپيل شاعريءَ جو بيانه انداز ڪُجهه فارسي آميز آهي ۽ اُن ۾ گهٽي موسيقيت، حرف تجنيس يا ترنم ڪان گهٽ ڪم ورتل آهي ڇاڪاڻ ته اهڙن عواملن ڪان هٽي ڪري ڇپيل ڪلام کي ياد رکڻ ڏکيو رهي ٿو، تنهنڪري اُن جو عام مقبول ٿيڻ مُشڪل رهي ٿو. بهرحال سُٺي شعر جي فقط اُهائي ڪسوٽي نه سمجهڻ کپي، جنهن تي اُن جي پرک لازم

هُجي. مرزا قليچ بيگ جو ڪلام خاص طور اُن جو اخلاص، اخلاق ۽ اصلاحي پهلو انتهائي شاندار ۽ وزنائتو آهي، مرزا قليچ وانگر ڪنهن شاعر شايد ئي انهن پهلوئن تي ايترو گهڻو لکيو هُجي، جيتري اوليت ۽ مستقل مزاجيءَ سان مرزا قليچ بيگ اُن کي پنهنجي شعري فِڪر جو موضوع بڻايو.

حوالا:


1. **مرزا نصير، 1997ع، ”سنڌي شاعري ۾ نون لاڙن جو ترجمان مرزا قليچ بيگ“ مرتب: تاج جويو۽ امين لغاري، ٽماهي سنڌي ٻولي خاص نمبر: مرزا قليچ بيگ، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد، ص 161.**
2. **جوڻيجو عبدالجبار ڊاڪٽر، ”مرزا صاحب جي غزل گوئي“، مرتب: تاج جويو۽ امين لغاري، ٽماهي سنڌي ٻولي خاص نمبر: مرزا قليچ بيگ ، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد، ص 164.**
3. **بيگ رضا ڪاظم، ”مرزا قليچ بيگ ۽ سنڌي رباعي“ مرتب: تاج جويو۽ امين لغاري، ٽماهي سنڌي ٻولي خاص نمبر: مرزا قليچ بيگ ، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد، ص 175.**
4. **بيگ مرزا قليچ، 2012ع، (ڇاپو.چوٿون): ”سائو پن يا ڪارو پنو“ سنڌي ادبي بورڊ ص،86**
5. **ايضاً ص 70**
6. **ايضاً ص 109**
7. **بيگ قليچ مرزا شمس العلماءَ، 1989ع: ”ديوان قليچ“ (ڇاپو ٻيو)، سنڌي ادبي بورڊ ص 293**
8. **ايضاً ص 113**
9. **جوڻيجو عبدالجبار ڊاڪٽر، ”مرزا صاحب جي غزل گوئي“، مرتب: تاج جويو ۽ امين لغاري، ٽماهي سنڌي ٻولي خاص نمبر: مرزا قليچ بيگ، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، ص 168**
10. **بيگ قليچ مرزا شمس العلماءَ، 1989ع: ”ديوان قليچ“ (ڇاپو ٻيو)، سنڌي ادبي بورڊ ص 80**
11. **ايضاً ص 141**
12. **ايضاً ص 271**
13. **ايضاً ص 299**
14. **بيگ مرزا قليچ، 2012ع، (ڇاپو چوٿون)، ”سائو پن يا ڪارو پنو“ سنڌي ادبي بورڊ، ص142**
15. **بيگ رضا ڪاظم، ”مرزا قليچ بيگ ۽ سنڌي رباعي“ مرتب: تاج جويو ۽ امين لغاري، ٽماهي سنڌي ٻولي خاص نمبر: مرزا قليچ بيگ ، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، ص 172**
16. **بيگ مرزا قليچ، 2012ع، (ڇاپو چوٿون)، ”سائو پن يا ڪارو پنو“ سنڌي**

**ادبي بورڊ، ص 145**
17. **ايضاً ص 138**
18. **ايضاً ص 128**
19. **ايضاً ص 132**
20. **بيگ مرزا قليچ، 2012ع، (ڇاپو چوٿون)، ”سائو پن يا ڪارو پنو“ سنڌي ادبي بورڊ، ص 86**